

مليرجي مارئي

# شهيد بينظير ڀٽو جو ڪيڏارو

نئون نياپو

تاجل بيوس

ملير جي مارئي

# شهيد بينظير ڀٽو

# جو ڪيڏارو

تاجل بيوس

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ ڪراچي، سنڌ.

ملير جي مارئي شهيد بينظير ڀٽو جو ڪيڏارو
شاعر : تاجل بيوس
ڇپائيندڙ: بشير خاصخيلي
ٻانهن ٻيلي : الهه رکيو خاصخيلي
ٻانهن ٻيلي: فقير عبداللطيف انصاري
ڇاپو: پهريون مارچ 2008ع
تعداد: هڪ هزار
ٽائيٽل: مجاهد حسين ميمڻ
ڇپاران : نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ، ڪراچي
Cell#0346_2103811
ملهه : اسي رپيا

سنڌ جي سمورن
سنڌي شهيدن جي نانءِ

## تاجل بيوس

# سنڌو

پبلشر جو نوٽ: انعام عباسي
مهاڳ: "شهيد مليرجي مارئي امر رهندي" تاجل بيوس
پ اکر: بشير خاصخيلي
پ اکر: الهرکيو خاصخيلي

هو. جنهن کي عوام جي طاقت سان قائم ڪيل عوامي حڪومت چيو ويجي ٿو. جڏهن تہ ساڳي ئي گهر جي پاتياڻي شهيدِ بينظيرِ سنڌ لاءِ فرانس جي جُونِ آف آرڪ ثابت ٿي چڪي آهي، جنهن بہ دفعا پاڻ کي وزيراعظم جي عهدي تي چونڊرائي ملڪ کي بُڪ ۽ بيروزگاريءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريو هو. سنديس تقريرن ۽ عوامي خطاب ۾ الهي اِلهام جا آلاپ ۽ روشني محسوس ٿيندي هئي. بہ ڏينهن اڳ ڪيترن ماڻهن ٻڌايو تہ چنڊ ۾ بينظير جي تصوير ۽ سنڌس جهلڪون ڏسڻ ۾ ٿي آيون. هُن جلاوطنيءَ ۾ انگريزيءَ ۾ شاعري ڪري "مارئي آف ملير اينڊ شاهہ لطيف" نالي هيٺ شعري مجموعو ڇپرائي پاڻ کي امر ڪري ڇڏيو آهي. هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ نثري ترجمي سان گڏ مون منظوم ترجمو بہ ڪيو هو. جو ترجمو زيبست اداري جي سپاليندڙ ڊاڪٽر سليمان شيخ مون کان ڪرايو هو. جنهن ترجمي تي مون کي فخر آهي جو هِن ڪتاب ۾ بہ ڏنو ويو آهي.

جُون آف آرڪ فرانس جي هڪ ڳوٺاڻي ڇوڪري هئي، جا 1412ع ۾ ڄائي هئي. هِن ننڍڙيءَ ڄمار ۾ ئي پنهنجي ملڪ کي انگريزن جي غلاميءَ مان آزاد ڪرايو هو. جُون آف آرڪ ٻارنهن سالن جي ڄمار ۾ پڌرو ڪيو هو تہ کيس "سچ جو آواز" ٻڌڻ ۾ آيو هو. جنهن اعلان کي وقت جي پادرين بہ قبول ڪيو هو، جڏهن تہ فرانس جي ڪن غلامن ۽ محتاجن جون آف آرڪ کي جادوگرياڻي ۽ ڪن ڏائڻ ڪوٺيو هو. اڳتي هلي چاليهن ججن کان بند ڪمري ۾ کيسُ هلرائي، نوڙيءَ مان ٽانگ ٻڌائي، جُونِ کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي وئي هئي، جا وقت جي آمرن ڦاسيءَ ۾ تبديل ڪرائي هئي. ججن جُون تي سنديس شڪل شبيهہ شيطان جهڙي هجڻ، ڪُوڙيون پيشنگويون ڪرڻ، عورتن جي تذليل ڪرڻ، خدا کي اپيل ڪرڻ، جهڙيون تهمتون مڙهيون هيون.

مٿي ذڪر ڪيل کيس جهڙو ڪُوڙو ڪيسُ پنجاب جي آمر ضيا بہ سنڌ جي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽي تي هلرائي کيس ڦاسيءَ جي سزا ڏياري هئي، جڏهنَ تہ هِتان جو قانون ڄاڻائيءَ سان ٻڌائي ٿو تہ ڦاسيءَ جي سزا تڏهن ڏني ويندي آهي جڏهن قانون موجب گهربل گواهہ گواهي ڏين تہ هُنن پنهنجن اکين سان ڏٺو هو تہ فلاڻويا فلاڻا ماڻهو مقتول تي کهاڙين جا وار ڪري رهيا هئا يا سندن سامهون کيس گولين سان اُڏايو ويو هو، جڏهن تہ شهيد ڀُٽو واردات واريءَ جاءِ تي بہ نہ هو.

جُون آف آرڪ صليب کي چميو هو ۽ جڏهن سنديس لاش کي چکيا تي چاڙهي سندس خاڪ کي هٽائي ڏٺو ويو هو تہ جُونِ جو سارو جسم تہ سڙي خاڪ ٿي ويو هو پر سندس دل کي لَهَسَ بہ نہ آئي هئي.

پنجويهہ سال گذرڻ کانپوءِ فرانس جي هڪ عدالت جُون آفِ آرڪ جي ڪيس کي دُهرائي، کيس بي ڏوهہ ۽ معصوم ثابت ڪيو هو. جڏهن تہ پنج

اٿندڙ جي اکين سان ڏٺو آهي ۽ اچان بہ ڏسان پيو. مٿان وري سنڌ جي عظيم ۽ لافاني شاعر تاجل بيوس جي تخليق ٿيل شاعري پڙهي اٿم، جنهن جي پڙهڻ ۽ پرجهڻ کانپوءِ مجهٿو ٿو پوي تہ جهڙي نموني اسان جي شاعر تاجل بيوس شاعريءَ ذريعي سنڌي قوم جي وجود، هستيءَ ۽ بقا کي ظاهر ڪيو آهي، اِن جو هلندڙ وقت ۽ ماضي قريب ۾ ڪو مثال ئي نٿو ملي. مان بخت ۽ ڀاڳن ڀريو سنڌي ڪارڪن آهيان، جنهن کي ”ملير جي مارئي بينظير ڀٽو جو ڪيڏارو“ جهڙي عظيم ڪتاب ڇپائڻ جو اعزاز حاصل ٿيو آهي، جنهن ذريعي منهنجي زندگيءَ جو سڀني رُخن کي صحيح نموني محسوس ڪرڻ ۽ عمل ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. مون جن سان بہ محبت ڪئي آهي، اُنهن ۾ خاص شخصيتون منهنجي امڙ سائڻ، سنڌ، سنڌ جا شهيد، سنڌ جو فڪر سائين جي ايم سيد، پيغام سنڌ تي ڪم ڪندڙ شهيد نذير عباسيءَ ڪان ويندي سنڌ جي شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو آهن. خدا مون کي توفيق ڏئي، تہ آئون بہ محترمہ وانگر غاصبن ۽ جابرن سان وڙهندي، وڙهندي شهادت ماڻيان.

**بشير خاصخيلي**

16 مارچ 2008ع

• ٿيندو، تہ تاجل بيوس اسان جي دلين جو ڊوميسائيل رکندڙ سائي آهي. تاجل ڀاڳ ڀـ چوندو آهي تہ مون مان ۽ ڀاءُ بشير مان ڪيس سِرائي جان محمد جي خوشبوءِ ايندي آهي. ڏٺي ڪيس شاد ۽ آباد رکي تہ جيئن تاجل سنڌ، سنڌي سماج، ادب، ثقافت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اڳان ڀـ وڌ ۾ وڌ سَيوا ۽ سهڪار ڪري سگهي.

**الهرکيو خاصخيلي**

15 مارچ 2008ع

# بيت

(1)

ٻُلائي بينظيرِ کي، قاتل! وِهندو ڪيرُ؟
توکي پارَسَ لوهہَ جو آهي ايرُ نہ پيرُ
ڪڏهن قاتِل جو نہ ٿيو، پاڙوڻو آ پيرُ
وِنبو پلئہُ پاپيءَ کان، جنهن ۾ ڦندُ نہ ڦيرُ
جاڳيو آهِن ڄُوءِ جو، ضامِنُ ۽ زبيرُ
دودَوَ، باغي، بلاول، شهزادو ۽ شيرُ
رڳين وَرندا رَتُ سان، غازِي هر گهٽُ، گهيرُ
ڪاٿي ڪندَ قهارَ جو، ڪندا سَوايو سيرُ
مياڻيءَ جي ميدان ۾، ٻُٽي پوندو ڪيرُ؟
وَٺِي ويريءَ کان ويرُ، ڪندا سَگهارو "سندَ" کي

(2)

ٻَلائي بينظيرِ کي، قاتِل! ڪِيئَن وِهَان
وِٺندَسِ پلئہُ وَيريءَ کان، ڏَهانَ يا ڏَهان

اِجها رات لـڙي، گندو مرندو غارِ ۾

(8)

بينظيرِ ٻئو، سڳنڌ منهنجيءَ سنڌ جي
جنهن مان گُل جنت ۾ آ، فڪر جو ڦٽو
قاتِل کي ڪاٽ سان، ڪندو ڪريم ٻٽو
مارِي ورندُس مُهُتَ سان، گوهَرُ ڏئي گهٽو
گولين جو گندي تي، اِجهو مينهن اٿو
بيوَس ڪاغذ، قلم سان، ڦهري چاڙ ڪُٽو
ڪيو جنهن ڪمذات آ، ناهي سوڙ سُٽو
شَمَنُ ۽ چُٽو، ريج ڪندا رت چاڙ جو.

(9)

پيڙ آ برحَقُ، بيوس پهتي بهشت ۾
پرهه مِلني پيءُ سان، ٺڪَل پيندي ٺڪ
پيڙ گڏبِي پائرن سان، جنهن ۾ چرڪ نہ ٺَڪ
سارَي جَنهن کي سنڌ جو، ٽوراڪڙ ۽ راهَڪُ
جُهري پيو آ جَبَرَ ڪان، فڪرمندُ فلڪُ
جُهري پيو آ جَبَرَ ڪان، ٻُڌو ۽ پالڪ
ناسَ، پِٽو ۽ نَڪُ، قاتِل گيريو "ڪين" ۾

(10)

برحقُ بينظيرِ هُئي، سَهارو سنڌ جو
سنڌڙيءَ جِي سفيرِ، جيئري آهِ جهانَ ۾

(11)

برَحَقُ بينظيرِ، هُئي سهارو سنڌ جو
ڳالهين جي ڳهيرِ، جيئري آهِ جهان ۾

(12)

بينظير برحَقُ، هُئي سَهارو سنڌ جو
فڪر ۾ فلڪ، آهِ سَوايو سنڌ ڪان

(13)

بينظيرِ برحَقُ، هئي سهارو سنڌ جو
ٺڪَل وچي ٺڪُ، پڳو آهي بهشت ۾

(14)

بينظيرِ برحَقُ، هئي سَهارو سنڌ جو
ڪَٺي جا ڦهار جو، وئي ناسَ، پِٽو ۽ نَڪُ
ٺڪَل وچي ٺڪُ، پڳو آهي بهشت ۾

(15)

[جلاوطنيءَ جي دؤر ۾، بينظير ڀٽي پاڻ کي مليرياٽي مارئيءَ جي حيثيت ۾ عمر سومري جي ڪوٽ ۾ باندي ڄاڻائي، انگريزيءَ ۾ نثري شاعري ڪري، ڪراچيءَ ۾ قائم پنهنجي زيبسٽ اداري کي موڪلي هئي، جنهن جو سنڌيءَ ۾ نثري ترجمو ڪرڻ لاءِ زيبسٽ جي انچارج ڊاڪٽر سليمان شيخ انگريزي اسڪرپٽ منهنجي حوالي ڪيو هو. مون نثري ترجمي سان گڏ، پابندي شاعريءَ جا ٽيهه (30) بيت به ٺاهيا هئا، جي هيٺ ڏجن ٿا.]

(1)

قادَر چئي ”ڪُن“، جوڙيو هِن جهانَ کي
هئي ڪايا ”ڪين“ جي، هُيو سڀ ڪجهه سُن ۾
تنهين ويلَ وچن، ڪيم ڪيــجَ ڪلاچ سان

(2)

جڏهن ”ڪُن فيڪون“ جو، سالڪ ڇيڙيو سازُ
سُٽيو مارُن سنڌ ۾، منهنجو ئي آوازُ
ايءَ رباني رازُ، لکيو لوح قلم ۾

(10)

حقوق العباد، اُن تي هڪ عوام جي
نعرا جُهد، جمهور جا، گونجيا آد جڳاد
آدم جي اولاد، سبق ذات، صفات جو

(11)

ماءُ منهنجي نصرت، جنهن ۾ مهڪ ملير جي
مون تي ديس آ ديس ۾، آهي ڇپر، ڇت
منهنجو پارس، سونُ ۽، منهنجي آس، اُپت
منهنجي جاءِ جنت ۾، منهنجو مُور بچت
ڪانئرا ڇڏ ڪُپت، تہ ماڳ رَسي جيئن مارئي

(12)

ڳهٺا ڳوناٺا، ڳهٺيون سندن ڳالهڙيون
آمر ۽ ارغون جا، ڳهليا جن ڳهاٺا
رُئن ڳوڙها رت جا، مانجهي مهاٺا
ڏسان تان ڏاهي ٿيان، عاقل اباٺا
مون لئہ ڀاڳو بهشت جو، پِٽون ۽ پاٺا
پکا پراٺا، جن ۾ مهڪ ملير جي

(13)

ماريءَ مارايو، رهبر روح عوام جو
مٽان وري ڀاءُ منهنجو، ڪرن ڪسايو
ٿهاريءَ ڪلاچ ۾، ڀيو ممڻ مچايو
ڳولين سان ڀئي ڀاءُ ڪي، آمر آڏايو
اباڻن ڪڪن مان، ٿهريءَ ڪيرايو
مون ڪي، منهنجيءَ ماءُ ڪي، لوڏيءَ لوڏايو
ٿمرُ، سرمايو، ڏسان تان ڏاهي ٿيان

(14)

واهرَ نہ واهي، نہ ڪا سُڌ سائيهہ جي
سالڪ ساڃاهي، ڏئي تان ڏاهي ٿيان

(15)

وطن واجهائي، منهنجو ڏيل ڏهيون ٿيو
پانڌيڙا اُن پارَ جا، ٽڪس پنهائي
الڪ اگهائي عرض ڪي، جَي هارُون ملائي
تہ وِهان پلائي، ڏمر وارا ڏينهڙا

(16)

منهنجو اُهو ماڳ، جِت نہ عمرُ، آمري

وِلهارن ويجهي ٽيان، اوري ڀنڊ اجهاڳ
پرکي ڏنپ ڏهاڳ جا، ٿل ٽين سيڻ سجاڳ
ڪر ڇڏين ڪتراڳ، تہ سُونهان سانگين وچ ۾

(17)

هِن منڊ هُن ڀارِ، هوندا ڳاهہ ڳسن تي
سائون، تِر ۽ ٻاجهري، جُور مٿان جهارِ
مائزون ائين نہ مارِ، ٻاپي! ڪنهن پرڏيهہ ۾

(18)

منهنجا ڪيڏا مٽ، ڀوهہ بہ مانا مامرا!
هن پيري ڇُپَ ڇاپ آ، پٽ ڏٽي ۽ پٽ
هيءَ سورن جي سِٽ، ريچ ٻٽي رت ڇاڻ جو

(19)

ڀانيُم هِن پيري، مارُو رهندا مٽ ۾
آمرُ مارُن مامرو، نٽو نبيري!
ڇُريءَ جي ڇيري، ڪيا سَل سرير ۾

(20)

منهنجا مژئي سيڻ، مان سين جي مارئي
هُو ڇپر، مان ڇانورو، هو پائر، مان پيڻ
نيرُ وهائي نيڻ، رَيتا تيا رت ڇاڻ ۾

(21)

سنڌ، مصر، عراق، اصل ٿهہ تهذيب جا
سنڌو، دجلہ، نيل جو، پاڻي اوجر پاڪ
هر ٽڏيرو ٽاڪ، ماٽهو ڳهہ ڳچين جا

(22)

جڏهن ڇائو ڇام، تي وسنوَ وٽڪار ۾
هڪ ۾ ملي هڪ تيو، حاڪم، خاص ۽ عام
مليو سنڌ ساٿيهہ کي، عظمت جو انعام
ڇا جو غيرُ غلام، سڀ موتي مهراڻ جا

(23)

ساريا، اُنڙ (1) سانڍ، سيئي سگهہ شهيد جي
سُونهَنِ سي سُهاڳٽيون، ڪِيريا جني ڪانڍ
وتن ڀاڻ پلاند، ڏاها منهنجا ڏاهِري

(24)

امن، وطن، دوستي، محبت، مساوات
وٺي بينظير تي، برڪت جي برسات.

2. پيلي رنگ جو قيمتي پٿر. هِتي علامتي طور شهيد ڀُٽي لاءِ
ڪتب آندو ويو آهي.
3. جلاد تارا مسيح، جنهن اڌ بيهوش شهيد ڀُٽي جي ڳچيءَ ۾
ڦاسيءَ جو ڦندو وجهي، تختو ڇڪيو هو.
4. جيل جي قانون موجب ڦاسيءَ ڏيڻ جو وقت رات جي پوئين
پهر چئين وڳي جو مقرر ٿيل آهي، پر شهيد ڀُٽي کي رات جو
ٻي وڳي ڦاسي ڏني وئي هئي. جو جسٽس (ر) عبدالرزاق ٿهيم
جي لکت موجب، اهڙو مثال ڪٿي به نه ٿو ملي!)

(30)

جُڙيو تي جهانُ، جڏهن آد جڳاد (1) ۾
ڪارڻ "ڪُن فيڪون" جي، مليو ديس مهانُ
اورَي ملڪ عدم مان، اوڏو تيو امڪانُ
جُڙي ڪايا "ڪين" مان، مٽيءَ لڌو مانُ
سڀ جو مذهب ماڻهپو، اهڙو تيو اعلانُ
بيت جُڙيا پٽ شاهه تي، لاٿو ويو لقمانُ
ڀُٽو (2)، شاهه بلاول ٿئي، شهيدن جو شانُ
هر ڪو آ حيرانُ، هيڏي سُرڳ سموند تي!

◎◎◎

1. قديم زمانو
2. شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو، جنهن جو شمار هن وقت سنڌ جي چهن
وڏن شهيدن ۾ سُورمن ۾ ٿي رهيو آهي.

Versified Translation of English Poetry Composed by: Benazir Bhutto, Mariee of Malir

# وايون

(1)

باندي آئون بينظير
ڏوٽي نہ منهنجا ٽين ڏکارا

حق، سچ، هُٺُ،ضمير ظرف جي
آهيان مان بہ اسير
ڏوٽي نہ منهنجا ٽين ڏکارا

نيت ڏکن کانپوءِ سُکن جي
ايندي عيد غدير (1)
ڏوٽي نہ منهنجا ٽين ڏکارا

بهشت ۾ آئون ٻڌجي ويندس
سنڌ امان جي سفير
ڏوٽي نہ منهنجا ٽين ڏکارا

1. شيعو مذهب رکندڙن جي هڪ مقدس عيد

(2)

سُٺي ڳُڻ فيڪون
مون سنگ ڪيڙو ماروئڙن سان
واڳيو مَنُ مليرَ سان
بينظير جو هِن ڀُون
مون سنگ ڪيڙو ماروئڙن سان
ڳنوارن جون ڳالهڙيون
نبرن ئي نہ ٿيون
مون سنگ ڪيڙو ماروئڙن سان
نہ ڪا سُڌ ساٿيہ جي
نڪي مون ۽ تون
مون سنگ ڪيڙو ماروئڙن سان
وڻديان شال ولهار ۾
بيوس پڪا ۽ پسُيون
مون سنگ ڪيڙو ماروئڙن سان

(3)

لَکِي لاڙڪاڻو
پد مان پري ٽيو
قمبر، رُڪ، نصرت، ڳڙهي ۽ ڳيريلو
وڳڻ، وارهه، بينظير، سڪر، ساڌ ٻيلو
منهنجو ديس اباڻو
پد مان پري ٽيو
ٻِهه، چانور، زيتون، پلا ڪوٽڙيءَ جا
ميندي ميهڙ واري، رنگ روهڙيءَ جا
ماڻهو مٽيءَ هاڻو
پد مان پري ٽيو
سِرو، ٽر، ڪوهستان، وچولو ۽ ڪاڇو
ابي ۽ امڙ جو، مٿان سِر تي پاڇو
مِٽي ۽ مُهراڻو
پد مان پري ٽيو

(4)

سرجي سنڌ مهانُ
گُليا ڀاڳ ڀنيور جا
ڪايا ”ڪُن فيڪون“ جي
فائق جو فرمانُ
گُليا ڀاڳ ڀنيور جا
ورتو راهِ ڏيباچ ڪان
ڌَرو ٻيجل دانُ
گُليا ڀاڳ ڀنيور جا
ڀونءِ سڄي بينظير آ
مَڪو ۽ ملتان
گُليا ڀاڳ ڀنيور جا

(5)

اديون، ڙي آئون
ڪا جهڙ آهيان ڪوٽ ۾
خاصيون خبرون خير جون
ايندريون اُتائون
ڪا جهڙ آهيان ڪوٽ ۾
ڪنيان ڪيت ڳڻتيءَ جا
هِن مند هوندائون
ڪا جهڙ آهيان ڪوٽ ۾
اڱي ڪُن ڦيڪون ڪان
لڏيون مون لاٿون
ڪا جهڙ آهيان ڪوٽ ۾

(6)

منهنجا سيڻ ستارَ
سرتيون!
مارُون منهنجا ڍوليا ڍڪڻهارَ
سرتيون!
آندي مهڪ مليرجي، ٿرن جي ٿڌڪار،
سرتيون!
آءٌ نہ گھاريندي‌س ڪوٽ ۾، ڏنارن کان ڌار،
سرتيون!
مون لئہ سُڏِسُڪار جي، پڪا، لاڙ ليار،
سرتيون!

(7)

وِهان ڪيئن وسَاري
ماڙو مِٽ مليرجا
قادرُ قهري ڪوٽ جا
پاهڻ شال پگهاري
وِهان ڪيئن وساري
ماڙو مِٽ ملير جا
هُئان ويڙهيچن وچ ۾
جيسين رَب جياري
وِهان ڪيئن وساري
ماڙو مِٽ ملير جا
اِڄ پڻ آيا ڪينڪي
لڱس جن جي لاري
وِهان ڪيئن وساري
ماڙو مِٽ ملير جا
پونگا بينظير ڪي
ڏاتر شال ڏيکاري
وِهان ڪيئن وساري
ماڙو مِٽ ملير جا

(8)

آس ن ٽم لاٽي
ايندا منهنجا مارُوئڙا
گهاريان ڏينهن ملير ۾
بچيا جي باقي
ايندا منهنجا مارُوئڙا
آئون ڦابو ڪوٽ ۾
پُونگن ۾ پاتي
ايندا منهنجا مارُوئڙا
ملندي ماروئڙن سان
ڪٽيري خاڪي
ايندا منهنجا مارُوئڙا

(9)

ويڙهيچن جا وڻاڻ
پِٽون ۽ پاڻ
ڏسان شل ڏوري

جهڙي باک بسنت جي
اهڙا تن اُهڃاڻ
ڏسان شل ڏوري

مون لئه ريشم، پٽ، پٽيهر
مدائُن جا ماڻ
ڏسان شل ڏوري

حڪمَ حاڪم! ڪيئن هلايان
پورهيت آهيان پاڻ
ڏسان شل ڏوري

(10)

ادا ڙي اونـــــــار!

ويَس مارن ڪان، ڪيئن مان وسري؟

روڄ روئڻ يا ڪٽ پُڌئي ڪا

جهـانگـيـن جي جهـونـگـار

ويَس مارن ڪان، ڪيئن مان وسري؟

ڪـثـيـريءَ لـيءِ ڪـهـڙيـوُن خـبـرون

آنــــدئــــي اڪـــيـــن نــــار

ويَس مارن ڪان، ڪيئن مان وسري؟

ڪـٽ لڳـئـي ڪـي سـڌ، پـڙاڏا

تـــاڙي ڪـــنـــهـــن جـــي تـــنـــوار؟

ويَس مارن ڪان، ڪيئن مان وسري؟

(11)

جـائـو چـامَ نـظـام
وسـنـوَ تـي وڏكـار ۾
مـوتـي سـپ مـهـراڻ جـا
چـا جـو غـيـرُ غـلام
وسـنـوَ تـي وڏكـار ۾
مـلـيـو سـنـڌ سـائـيـهـ کـي
چـامـن سـنـڌو چـام
وسـنـوَ تـي وڏكـار ۾
بـرحـق آ بـيـنـظـيـر کـي
عـطـا ٿـيـو انـعـام
وسـنـوَ تـي وڏكـار ۾

(12)

ڏيهه ڏٺي ڏاتارُ
ڪنهن ٽنگايو ٽياس تي؟
مُٺو ناهي مينڌرو، جيئرو آ جهونجهارُ
وڃيو ڪنهن وڻڪار مان، ڏنئرن وارو ڏارُ
اٽڪيو هو ارغون سان، رات بہ راءِ ڪنگھارُ (1)
لوچي لنڪا ديس کي، ورڻو آ وڻجارُ
ڏيهه ڏٺي ڏاتارُ
ڪنهن ٽنگايو ٽياس تي؟

1. ڪڇ ڀڄ جو حاڪم راءِ ڪنگھار سمون

(13)

ووه، ووه واويلا
ماريائون مهندار کي
اُڙهو کالهہ کلاچ ۾
رَت کري ريلا
ماريائون مهندار کي
لڳو ڏاڙو لاڙ کي
ڪُوڪيا ڪاچيلا
ماريائون مهندار کي
ماءُ! نہ آيا موڙا
وِڏائون ويلا
ماريائون مهندار کي
باقي ٿانوَ ڪنڀار جا
ڀيلائي ڀيلا
ماريائون مهندار کي

(14)

ورندا مير مهاڻا
ماري مانگر مڇ کي
ڪاهي رسندا ڪُن تي، آهن ڪين اياڻا
رکندا پرم رَڃن جو، ماڻهو مٺيءَ هاڻا
وَيڙا ويڙهه وڏيءَ تي، گهاٽو وَڏ گهراڻا
اِجهو چاڙ ڪُنن تي، ساٿي! سِڙهه اُڏاڻا
ورندا مير مهاڻا
ماري مانگر مڇ کي

(15)

باندِي آگون بِي حسابُ
سَيڻ منهنجا شل هُئڻِ سَگهارا
مرتضيٰ، شاهَنُ،صنم، بلاولُ
نصرت، ذوالفقي، آگَنُ،اَيَلُ
آهن ڪايا جو ڪتابُ
سَيڻ منهنجا شل هُئڻِ سَگهارا
شاهہَ سَچَلَ جي پاڙي ۾ رهندو
بابا سائين جنت ۾ ملندو
سَچو ٿيندو هِي خوابُ
سَيڻ منهنجا شل هُئڻِ سَگهارا
سنڌ چڏيون بينظير وجي ڻِي
سنڌ واسين ڪي دعائون ڏني ٿِي
جن جو آ جوڙُ نہ جوابُ
سَيڻ منهنجا شل هُئڻِ سَگهارا
دوزخ جي آڙاهہ ۾ سڙندا
مانگر مڇ جيئن ٻيوس مرندا
ڪئني آ ٿِگي جن دولابُ
سَيڻ منهنجا شل هُئڻِ سَگهارا

(16)

**بينظيرِ منهنجي پيڙ!**

جيرِي رهندينءَ تون جهانَ ۾
تنهنجَي فڪرَ، فراق ۾
نتا سُڪن هِي نيڻ
جيرِي رهندينءَ تون جهانَ ۾
توکي سدائين سنڌ ۾
سارِيندا رهندا سيڻ
جيرِي رهندينءَ تون جهانَ ۾
ٻَٽَبا گهوٻاٽا، گوليون
اُوَسِ اسان جا ويڻ
جيرِي رهندينءَ تون جهانَ ۾

(17)

بيشڪ بااختيار
بينظير آهي بهشت ۾
هوندي گڏ حُورن سان
الڪ جي آڌارِ
بينظير آهي بهشت ۾
ڪٽندي هوندِي خوشبوءِ جي
پِيٽي، لِيٽي پارِ
بينظير آهي بهشت ۾
ٻُڌي ٻه، ٽي مَن ٻولَ ڪي
جيڏل! تون به جهونگارِ
بينظير آهي بهشت ۾
ڪري سَوايو جا سونَ ڪان
ڪرٽي آها آهي ڪارِ
بينظير آهي بهشت ۾

(18)

اُرپيو پَلي مون عذابُ
سَيڻ منهنجا شل هئن سَگهارا
مرتضيٰ، شاهنواز، بلاولُ
نصرت، ذوالفي، آئتُ اَيلُ
رهندا ڪايا جو ڪتابُ
سَيڻ منهنجا شل هئن سَگهارا
آصف، منون، سانجهہ سويرو،
بلاول، صنم ۽ نئون ديرو
ياد رهندا بنا حسابُ
سَيڻ منهنجا شل هئن سَگهارا
سنڌ چڙيون بينظير وڃي ٿي
سنڌ واسين کي دعائون ڏئي ٿي
جن جو آ جوڙ، نہ جوابُ
سَيڻ منهنجا شل هئن سَگهارا
دوزخ جي آڙاهہ ۾ سڙندا
مانگر بٽجي بيوس مرندا
ڪئي آ نڳي جن دولاب
سَيڻ منهنجا شل هئن سَگهارا

(19)

سنڌ جي نياڻي
شهيدِ راڻي
پيڻ پهتي آ بهشت ۾
ڳوليي لهندِي پيءُ پنهنجو، جنت ۾ سالِڪ، سياڻي
پائرَ شاهنواز، مرتضيٰ، پياريندا هوندِس پاڻي
ڳائيندِي هوندِي شاهہَ جي وائي، جنت ۾ جوڳياڻي
سانڍي رکندِي ساهہَ پنهنجي ۾، سنڌ جِي پرت پُراڻي
پارِي جنهن آ باهہِ برهہ جي، اجان نہ آهي وساڻي
سارين ٿا جنهن کي سنڌ ۾ هر هر، هالا ۽ هالاڻي
هوندِي گڏ حورن سان بيوس، فيضوندِ فقيرياڻي
سنڌ جي نياڻي
شهيدِ راڻي
پيڻ پهتي آ بهشت ۾

# ڪافيون

## شهيد بينظير ڀٽو کي خراج

(1)

گهَرو، گهَرو گهاءُ ڏئي ويئي
سنڌ کي آ سؤداءُ ڏئي ويئي

قاتِلَ ڪَڏُ ۾، ڪرڻ لڳو آ
مغز ٻه جنهن جو، ڦرڻ لڳو
سَگ وانگي جو، گِرڻ لڳو آ
پاپِيءَ کي آ، پنيڙاءُ ڏئي ويئي

نُور،وِڇون پاندن ۾ ڀوڙي
تيغ، تبر سان رهزنَ روڙي
چپرن کي، لهرين ۾ لوڙهي
”هُئڻ“ وارو آ، حماءُ ڏئي ويئي

جيڏل سڀ کي جاڳايو آ
سنڌ جو اڄ ڀي جا، سرمايو آ
چنڊُ ٻٽجي جنهن، جرڪايو آ
ڏاڍَن کي، ڏهڪاءُ ڏئي ويئي

ڏاهي دشمنَ، ڏيڪاريندَي
اندرُ، ٻاهَرُ، اُوٻاريندَي
ڇاتِيءَ تي ڪجهه، شوڪاريندَي
تَنَ، مَن کي آ، تاءُ ڏئي ويئي

زالن جو،زنجيرُ ٻٽائي
مردن کي مهميرُ ٻٽائي

سڀ ڪي ڪنڌ ۾ ڪير بڻائي
وحدت جو آ واءُ ڏئي ويئي

سنڌ امڙ جي ساک وڌائي
ٻَرن، ٻَچن ڪي، باغ بڻائي
خوشبوءِ جهڙو پيارُ ورهائي
تولي ٻدران، پاءُ ڏئي ويئي

همت، هيبت جا، تِيرَ وَسائي
خوف، خطا جا، پيڌَ پُلائي
تياسن تي جلاد تنگائي
غيرن ڪِي آ، گهاءُ ڏئي ويئي

سنڌ ماتا جي سرواڻن کي
ڳاڙهن، ڳيرن، ڳوٺاڻن کي
سمن، سهتن ۽ راڻن کي
ڪيڏو آ، کهڪاءُ ڏئي ويئي!

ڪايا واريءَ قربانيءَ سان
تاتِ، طلب جي تابانيءَ سان
رازَ، رمز بس روحانيءَ سان
سنڌين کي آ سُپاءُ ڏئي ويئي

آمِرَ جي آ، نند ڦِٽي ويئي
جنهن کي ڏئي آ، ٻک ٻٽي ويئي
ڪري فوجين سان آهي ڪِٽي ويئي
پاپيءَ کي پڇتاءُ ڏئي ويئي

ڪلهه چاوَن کي، لولي ڏيئي
بيوس ٻاجهاري، پولي ڏيئي
رنگن، رُوين جي هولِي ڏيئي
مِهر، وفا آ، ماءُ ڏئي ويئي

(2)

جيئي، جيئي، جيئي، جيئي بينظيرِ
ٻَڌي آجا ٻهتشتِ ۾ سنڌ جي سفيرِ

جيئري آهي منهنجي پيڻ مرڻي ناهي
ساهہَ ۾ سيائي سالِڪِ اوَسِ سانديل آهي
جيئي، جيئي، جيئي، جيئي بينظيرِ

پائر پنهنجا بهشت ۾، ڏسڻ وئي آ
پنهنجي پيءُ پنهل سان ملڻ وئي آ
جيئي، جيئي، جيئي، جيئي بينظيرِ

ڪيو جنهن بيوس، لڪي لاڙڪائو
ڪڏهن ٽيٽو ناهي، اهو پيڃ پُرائو
جيئي، جيئي، جيئي، جيئي بينظيرِ

(3)

سِنڌ جي نياڻي آ، راڻين جي راڻي
آهي جا اصل کان گوتا کهاڻي

بينظير پُٽڙو اڄ جيري آهي
مليراڻي مارئي، مُئي نرمل ناهي
رهي اکين آلين ۾، پئي سالڪ سياڻي

اڄ دل ۾ سنڌڙيءَ جي ليلا لِکي آ
بهشت واري چنيسر ليءِ، سانئڻ سُڏڪي آ
آهي چڻ ازل کان، سُورن ۾ سَامَاڻي

ڏاهي، ڏات واري، ڀاڄهوندِ ڀاڄهاري
سنڌ جي سنڌياڻين ۾، هئي جا سگهاري
بَڻي آ جا بيوس، جنت ۾ جوڳياڻي

(4)

چاتيءَ تي وئي آ، هي لڪجي ڪهاڻي
ڪري ماتِ موُت ڪي، وئي سنڌِ جي راڻي

پنائيءَ جي پونءِ جي، سالڪ ۽ سياڻي
آهن دُعاگو جنهن جا، سَچَلَ ۽ سيوهاڻي
بهشت ۾ پائرن سان، ملندي نرمل نياڻي

ويا قهري قاتِلَ، ڪري سَنڌ سوريتي
ڏُڪن، ڏَوجرن جي، ڪري ڏيتي ليتي،
ڪسي ويا ڪاهوڙين ڪان، سندرَ سنڌياڻي

جنهن جي آسَوند آ، ڳڙهي ڳڻن واري
سِرو ۽ وچولو، لاڙيچي لُنواري
بڻي بهشت ۾ آ، جا حُورن جِي راڻي

بيوس، حاجي منور ۽ آصف روئن ٿا
ڳاڙي رَتُ جا ڳوڙها، دِلين ڪَي ڌوئن ٿا
بَلاول، صنم ۽، مڪلي، مياڻي

(5)

جيئي جيئي، جيئي جيئي، بينظير ڀٽياڻي
بينظيرِ ڀُٽياڻي، جيجل منهنجي جوڳياڻي

مُشڪ، عَطرَ ۽ گلَن، ڦُلن جي، سڳند ڏيندي هئي سنڌياڻي
وڃي ڀٽي آ بهشتَ ۾، جا راڻين ۽ حُورن جي راڻي

سارين جنهن کي سڀ اُيڙهَ سان سِري ۽ لاڙ جون سنڌياڻيون
ڪارَي ڄِي ڪِرَچولينديڙ ۽، کِهري جي هنر ڪٽياڻي

ڳلڙي حوُرن سان بهشت ۾ بيشڪ، ماڻيو هونداڻين پاڻن کي
پهتي بيوس ٻيءَ وٽ هوندي، پرهه ڦٽيءَ سان پاڻڏياڻي

(6)

بينظير جو غم مون کي گهائي ويو
منهنجي اندر کي ٻُٽ آ ٻٽائي ويو

اُهو آمر انتوگونگو ٽِئي
شل سهڪي، سهڪي ساهہُ ڏئي
جو اندر ۾ آڳ لڳائي ويو

نيٺ آمِرُ دوزخ ڏي ورنو آ
پن، چئن ڏينهن ۾ مرنو آ
جو دل ۾ آ دُود دُکائي ويو

اُهوگل مهتابِي کڙندو ڏسان
شل پُونهہ تي بيوس ٽڙندو ڏِسان
جو گل آ مليرُ مهڪائي ويو

(7)

مالڪ جَي هر مهر وفا سان، نئين ديري ڏي خيرُ هجي
پُٽن جو هر نِنڍڙو، وڏڙو، شهزادو ۽ شيرُ هجي

دُعاگو آهيون دل سان، جن جا، صوفياڻن اوتارن ۾
ڪٽي بنيءَ ۾ بِيٺو هر ڪو، پاڳيو مڙس پليرُ هجي

محبت ڪندڙ، سُور سليندڙ، سَرها، صحتياب هجن
ڏنگَ جهلِيندو وِڇُن نانگن جا، آمِرُ هڪ ڏِڏيرُ هجي

هر پيڻ هجي هاڪاري ۽، هر پاءُ ٻه هاڪارو
پٽ ڏٽيءَ جي پونءِ تي بيوس مَن ۾ ڪنهن جَي نه ميرُ هجي

(8)

هوندي بهشت ۾ پيٽ، پلي پاڳن واري
پهتي پيءُ وٽ هوندي، هِن وقت هاڪارِي

حُورن هوشمنديءَ سان، گهرائي گمبٽ مان
آڇِي هوندي جنهن کي، ڪارڪن جي ڪارِي

راتيان ڏينهان سنڌ جي، راڻيءَ کي جنت ۾
هوندِي خوابن، خيالن ۾ سنڌڙي سُونهارِي

سارين سنڌ جا هر، هر پيا، پُٽياڻيءَ کي بيوس
سَمان، جوکيا، سُومرا، ليل ۽ لاشاري

(9)

ڪيئن ٿا ڪربلا جي، ڏهرايو ڪهاڻي
اسان سنڌ وارن جو، ڪري بند پاڻي

هٿون ڪيئن ٿا ڌاڙا، ڇڏيو ريت شاهاڻي
ڪسيو ڪين ڪنهن کان، مکڻ ۽ ماڌاڻي
ڪندي ڪيئن مياڻيءَ رڻ، نوري مهاڻي

ڇشمان، ٻئراجون، ڪارا ڊئم آڏائي
پنجن ندين هوندي، چوريءَ واهه وهائي
ڪيو ٿوَ سنڌوءَ کي، پلا ڇو ٻانڌياڻي

ڪاري ڇاڻ جا شينهن، گرَ پيچي اٿندا
پني عاقل پهچي، ويريءَ ساڻ وڙهندا
بينظير، هوش محمد، ۽ هيمنو ڪالاڻي

(10)

لکي لاڙڪاڻي جي، سالڪ، سياڻي
هُئي بيشڪ بينظيرِ، راڻين جي راڻي

پُٽا، چانديا، بُرڙدي، جنهن جي لاءِ رڙن ٿا
سڄيءَ سنڌ ۾ رت جا، پيا ڳوڙها ڳڙن ٿا
ٻڌي جنهن ريءَ پٿر آ، مڪلي، مياڻي

سِري، لاڙ، وچولي ۾، ماتم ٿئي ٿو
ڪَڇَ، ڪاڇي ڏٺين کي، ڏوراپا ڏئي ٿو
روئي راتيان، ڏينهان ٿي، ٿر جي ٿرياڻي

سنڌ سانگيئڙن جي، دوزخ بڻي آ
ونيءَ ڪنهن وارن ۾ نہ، ڦيري ڦڻي آ
موٽي آءُ مارُن ڏي، نئين ديري جي نياڻي

ڏاهــا، ڏات ڏٺي ۾، شاعر پيي ڇَون ٿا
بيوس عجمي، عربي، ماهِرَ پيي چون ٿا
ڪرايو قتل ڦهريءَ، آهي ڇاڻي واڻي

(11)

ڪنهن آ ڪربلا جي، ڌرائي ڪهاڻي
ڪري قتل بينظير، سالڪ، سياڻي

ريءَ روئڻ راڙي جي، ٽاٽو نہ ٽارين ٽا
ماٺهو ڳوڙها رت جا، ڳڙهيءَ ۾ ڳاڙين ٽا
جنهن ڪي سارين سنڌ جا، ٽا هالا، هالاڻي

حُورن حُب مان هر، هر، ڪلي ۽ ڪيڪاري
آوَس آبِ ڪوثر، پرهہ سان پياري
پهچائي پيءُ وٽ هوندي، راڄن جي راڻي

ڪري قهرين بيوس، پاراٽيون پوليون
فوجي چانوٽيءَ لڳ، اُڇلي گولا، گوليون
ڪسي ويا ڪرٻب سان، ٽئين ڏيري جي نياڻي

# شهيد [illegible]تار علي پٽي
# جي [illegible] کي خراج

هي ساغر ۾ ايڏو سمنڊ ڪيئن سمايان!
تو تاريخ جو بس، ورق هڪ ورايان

ڪهڙي گل، ڪنڊي جي ڪهاڻي سڻايان!
تو پٿرن تي تيرن جا نقشا بڻايان.

جڏهن ڪله جو انسان وحشي بڻيو هو،
تڏهن پاڻ الله فرشي بڻيو هو.

ڪٿي گئس، گولا، ڪٿي نم جون چانئون!
ڪٿي سونهن ، ساوڪ، ڪٿي ڪربلائون!!

سنڌرتا جي جذبن تي بجلي ڪري هئي،
۽ مڪلي، مياڻيءَ جي ڌرتي ڌڪي هئي،

اديبن جي ڪلڪن کي لوڙيو ويو هو
مصور جي رنگن کي لوڙهيو ويو هو.

صليبون گُلهن ۾، زبانون زهر تي،
ڪٿي گل آيا ڪي آمر جي در تي.

وطن ڇڻ بلاول جو گهاڻو بڻيو هو،
هي ماڻهو سَرنهن جيڏو داڻو بڻيو هو.

مسوليني، گوئرنگ ۽ هٽلر جا وارث،
جمهوريت جا دشمن ۽ آمر جا وارث.

شهر، ڳوٺ، وستيون والاري ويا ها،
زهر ڇڻ زبانن تي هاري ويا ها.

هُئي روج راڙي ۾ گذري جواني،
مڪانن جا مالڪ ٿيا لامڪاني.

تڏهن ڪنهن مسيحا پڪاري ڇيو هو،
اونداهيءَ ۾ مشعل کي ٻاري ڇيو هو:

الا! شل ڪو مسند تي آمر نہ ويهي،
پلي چور ويهي، ڇنيسر نہ ويهي.

وري شل اُجايل ڪي ڪونجون نہ ڪرڪن!
ڪنهن آمر جي باغن ۾ مڪڙيون نہ مرڪن.

فريدڻ جي ٿَرُ تي گُڙن ٿيون گهٽائون،
ڪٿي چاڻ آيون اُتي جون هوائون.

ڇُنين جو ڇؤسولن تي پرچم بڻائي،
اُتيون گهر- ڏياڻيون نوان ڳيچ ڳائي

عوامي سمونڊن مان لهرون اُٿن ٿيون،
وڇون وار ڇوڙي اُڀهريون اچن ٿيون.

رعد جون رڙيون ۽ غضب جون گهٽائون،
الا، شل نه پوڙنِ اسان جون آنائون.

اِتي آ پوکاري، مشرقي نياڻي،
لِکي پاڻ تاريخ پنهنجي ڪهاڻي.

اسان جي امرتا ۽ منزل اسان جي،
ازل جي سفر کان سڃاڻل اسان جي

اهو ئي مقدر، اها ئي اَنا آ،
اها جُون آرڪ ۽ بيبي حوا آ.

سڳند، سُپتِ- سنڌوءَ جي ملير تائين،
کٽائون ڪَلاچيءَ جون ڪشمير تائين.

آ تخليق تي پئي گلابن جي دنيا،
امن آشتيءَ ۽ ڪتابن جي دنيا.

صبح ساڻ نرگس جي نيڻن کي ڏسجو،
صبح ساڻ سورج جي ڪرڻن کي ڏسجو.

اوندهه جي غفا مان ڦٽي پاڪ پئي آ،
۽ انسانيت کي لڳي لاڪ وئي آ.

ڪٿي سُونهن جا طورسينا جلن ٿا،
ڪٿي محبتن جا مدينا جلن ٿا.

پرهه جي پَهَر مان حُسينيت ڦُٽي آ،
فضائن ۾ فتني جي گردن ٽُٽي آ.

ڪلا جي ڪنڌيءَ تي ڪنول گل ٽِڙي پيا،
سوين چنڊ سورج، ستارا ڪڙي پيا.

ڏسو خشڪ چهرن تي شبنم وٺي آ،
۽ ڪلهه جي صليبن تي ميندي ڦٽي آ.

مليل آهه ماڻهوءَ کي نصرت، نمرتا،
جمهوريت جي دولت ۽ مريم جي ممتا.

ڳجهون، باز، شِڪرا اُڏاڻا هليا ويا،
گهڻا مات ڪائي گهراڻا هليا ويا.

نڪي گيت ڪنهن جا جلايا ٿي ويندا،
نڪي ڪرت هاڻي هلايا ٿي ويندا.

ضيا، چام، گوئرنگ ۽ هٽلر به آيا،
۽ ڌرتيءَ تي دارا سڪندر به آيا

تڏهن سچ صليبن تيَ چاڙهيو ويو هو،
جمهوريت کي لوڏيو، لتاڙيو ويو هو.

جي مذهب جي نالي ٺڳيندا رهيا ها،
۽ ماڻهوءَ تي ماڻهو ٻچيندا رهيا ها.

سي هٽلر جا وارث سيئلي گارَ تي ويا،
۽ هڪڙي ڏماڪي ۾ مسمار ٿي ويا.

عوامي سمونڊن ۾ لُڙهندي ڏٺاسون،
ڪي ٻاٽيءَ جي ٻڪ ۾ به ٻُڏندا ڏٺاسون.

قصو ارتقا جو به ڏُهرائڻو هو،
قضيو ڪربلا جو به ڏُهرائڻو هو.

اچا ياد آهن، ڪي مظلوم چهرا،
گلابي گلن جهڙا معصوم چهرا.

ڪي ڦاهيءَ چڙهيا ۽ مئا ڪي سفر ۾،
ٿيا قيد ڪونڌر ها پنهنجي ئي گهر ۾.

شهيدن جي دنيا جا سانوڻ ڏسو ها،
۽ آمر جي مرقد تي ٻن چڻ ڏسو ها.

ٻيڪي نيٺ مسند تي مشرق جي نيالي
جذب تيو سمنڊ ۾ آ سڀ لوڻ پالي.

ڳتي سفر پهتي آ ڪيلاش تائين،
جمهوري صبح ڪان سڙيل لاش تائين.

ڪندي آهي متي ئي مُهندار پيدا،
ڪي آزاد قومن جا شهڪار پيدا.

هي مشرق جي دختر، هو باغن جا مالهي،
الا، جهولُ ڪنهن جو تئي ڪين خالي!

مَسين آهه گوتم جو نرواڻ مليو،
عظمتن جو ڪيڏو آ اهڃاڻ مليو!

وري شل ڪو ماڻهو نہ ماڻهوءَ کي اڳري
سدائين جمهوريت جو سورج پيو اڀري.

تڙن تي تنوارون، پتائي! ٻُڌين تو؟
چڙيون هن ستارون، پتائي! ٻُڌين تو؟

هي مسجد جون ٻانگون، هُو مندر جون ٽليون،
هي تُلسيءَ جا پوٽا، انگورن جون وليون.

اِها ئي تہ آهي، جمهوريت اسان جي،
اِها ئي تہ ”ٻيوس“ آ عظمت اسان جي.

◎◎◎

# نثري ترجمو

[شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سر مارئيءَ تي ٻڌل بينظير ڀٽي جي شاعري جلاوطنيءَ جي دؤر ۾ بينظير پاڻ کي بانديائي ظاهر ڪري، انگريزيءَ ۾ نثري شاعري ڪري، اسڪرپٽ زيبنسٽ جي انچارج ڊاڪٽر سليمان شيخ ڏانهن موڪليو هو، جنهن سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ مونکي ڏني هئي هتي اُن انگريزي شاعريءَ جو نثري ترجمو ڏجي ٿو]

جڏهن "ڪُن" چوڻ سان هيءَ جهان اڃان خلقيو ئي نہ ويو هو
جڏهن آدم کي اڃان صورت ئي نہ ملي هئي
تڏهن کان مارُن سان منهنجو رشتو هو

جڏهن مون خالق جو آواز ٻڌو
هڪ مِٺو ۽ صاف آواز
منهنجي دل مان "لبيڪ" جو آواز نڪتو

۽ منهنجو سنڌ جي زمين سان ڳانڍاپو قائم ٿيو
-
جڏهن اسان سڀ ”وحدانيت“ ۾ سمايل هئاسون
منهنجو سنگ، سياپو تڏهن کان شروع ٿئي ٿو
-
منهنجي مقدر ۾ جلاوطني لکيل هئي
پر مان پنهنجي وطن ڪي دل جي ڌڙڪڻ کان به ويجهي آهيان
سوچيان ٿي ته مان آزاد ٿي، ڪڏهن پنهنجي
جنم ڀومي لاڙڪاڻي موٽنديس
-
مٿان ڏاڍ جي ڏهاڙن ۾ هتي آيس
شال مان چوماسن ۾
عوام جي پيار ۽ پاڀوهه سان
خوشيون ڪٺي موٽي وڃان
ڏٺي شال ائين نه ڪري، جو جلاوطنيءَ ۾
منهنجي جيجل ماءُ وڏيڪ ناساز رهي
ائين نه ٿئي جو هوءَ ذهني ڪشمڪش جي
چار ۾ ڦاسي وڃي.
-
مان ڏينهن رات خوابن ۾ ٿي گذاريان
ته من ڪا سنگهارن جي سُڌ پوي
مان خوابن ۾ اباڻن جي قاصد جو انتظار
پئي ڪيان
اها خبر ڪڏهن ايندي
جڏهن مان هِتان کان هُت پهچنديس ؟
منهنجي دل جو جواب ڪير ڏيندو!
سچ پچ مان قدرت جي آزمائش مان
گذري رهي آهيان
-
او، خدا! مان اُن قاصد لاءِ اباڻڪي آهيان،
جنهن جي اچڻ سان
مان جتان جي آهيان، اتي ئي پهچنديس
جڏهن ته جابر ڪي ته ان جو انت ئي ڪونهي
-
منهنجي وارن جي سفيد چڳن مان

منهنجي چهري جي اداسي ۽ ڪمزوري
جهلڪي رهي آهي
مان پنهنجن سيڻن ڏانهن وڃڻ چاهيان ٿي
ڏٺي شال منهنجي لوئيءَ
۽ منهنجن ماروئڙن جي لڄ رکي.
اي خدا! ائين نہ ٿئي جو جلاوطنيءَ ۾
منهنجي ماتا جي طبيعت وڌيڪ ناساز ٿئي
جنهن جي دل پنهنجن شهيد پٽن لاءِ روئيندي رهي ٿي
خدا! سڀ ڪان پهريائين منهنجي امان جيجل کي
پنهنجي جنم ڀومي نصيب ڪر
الا، منهنجو وَرُ ڪٿي آهي؟
ڪٿي آهن سندس زندگيءَ جون بهارون
حُسن، جمال؟
هو زندان جي ديوارن ۾ بند آهي،
هو عدالت جي ڪٽهڙي ۾ بيٺل آهي
عادل ڏڪي رهيا آهن
همتون گم ٿي چڪيون آهن
لالچون ماڻهوءَ جي نيڪي ۽ ناموس کان وڌيڪ اهم آهن
جنهن لاءِ ماڻهو جانِ بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن
اي وطن!
منهنجي صحت جُهري چڪي آهي
منهنجي خوشي اڌامي وئي آهي
پر پوءِ بہ
عوام جي وڃايل حقن وٺڻ لاءِ ۽
ويڙهہ جاري رکڻ لاءِ منهنجي دل مضبوط آهي

زماني ڪُاطر ٻچن خاطر ۽ پاڻ لاءِ
هر ڏهاڙي مان ڇهن تي مرڪ آڻيان ٿي
منهنجا ٻچا، مون کان سوال ٿا ڪن
امان! اسان وطن ڪڏهن ورنداسون؟
مان جواب ٿي ڏيان!
انصاف ماڻهن جي دلين مان اڏامي ويو
وحشين جي سينن ۾ سُڪون
پذير ٿيو آهي
مان ڪيئن ٻڌايان ٿي:

اسان تڏهن ٺهڪ ڏيندا سون
اسان تڏهن ڪائيندا سون
جڏهن آزاديءَ جا زنجير خلاص ٿيندا

مان غريب عوام جي نقصان تي سوچيان ٿي
جو عوام فوجي فاتحن جي جُوتن بدران
چمڪندڙ مقدر جي لائق آهي

زمينون ٽوٽ ٿي چڪيون آهن
پاڻيءَ لاءِ ماڻهو دعائون گهري رهيا آهن
فصل تباهه ٿي چڪا آهن
چوپايو مال مري رهيو آهي
پورهيت طبقي کي گهر رواني ڪرڻ ڪري
ڇُلهيون ٺڏيون ٿي چڪيون آهن،
پر پوءِ به، زمين لاءِ خواهش وڌي آهي
وڏن ماڻهن لاءِ محل، ماڙيون
۽ سرڪاري گهر ڪوڙ
هڪ نه، پر ٻه، ٻه گهر
ٻُکن ۾ ماڻهو لُنجي رهيا آهن
ملڪ جي صاف چهري کي داغدار بڻايو پيو وڃي
آگرين جا نشان ورتا وڃن ٿا
عابد خوف ۽ خطري ۾ رهن ٿا
ماڻهن کي بي گهر ڪيو ٿو وڃي
فوجي
سپاهي برفاني پهاڙن کي خدا حافظ چئي رهيا آهن
پهاڙن ۽ صحرائن ۾
شاعر ويل وقت کي واڪاڻي رهيا آهن
اهو وقت جڏهن وطن ۽ وطن واسين جو احترام ڪيو ٿي ويو
اهو وقت سنڌ جي مارئي بينظير جي
حڪمرانيءَ جو وقت هو،
شاگرد روزگار حاصل ڪرڻ جي اوسيئڙي ۾
ڪوماڻل چهرن سان علم
پرائي رهيا آهن
جي ان خوف ۾ ٿا رهن ته
هو بيروزگاري ۽ غربت جي گهاٽي مان

پاڻ کي ڪڏهن آزاد ڪرائيندا
ڇاڪاڻ تہ سندن نوڪريون
پينشن ڪٽندڙ فوجين کي ڏنيون ٿيون وڃن
خاڪي وردي وارن لاء
هڪ پينشن ناڪافي آهي
ہ نوڪريون، ہ پگهارون ۽ ہ پينشنيون
رٽائر ٿيل خاص خاڪي وردي وارن لاء ضروري آهن
ڇاڪاڻ تہ آمريت ئي خاڪي پوش جرنلين جي
خواب جي ساپيان آهي
انگريز گذريل صدي ۾ ملڪ خالي ڪري ويا
سندن جاء خاڪي پوشن اچي پري آهي
بابا سائين تمام جلد گذر ڪري ويو
جنهن کي ايمبولينس ذريعي ڪراچي آندو ويو.

اهو ڏينهن اچڻ وارو آهي
جڏهن ظالم هليا ويندا
جمهوري راڄ اسان کي آزادي وٺي ڏيندي
تارازي وري هٿ ۾ ايندي
جڏهن ماڻهن جو اعتماد يقيني بڻايو ويندو
تڏهن سرعام رقص ڪيو ويندو
گيت ڳاتا ويندا
ٺهڪ هوا ۾ اڏامندا
ماڻهو پنهنجي قسمت جو جشن ملهائيندا
لاڙڪاڻا!
منهنجي پياري جنم ڀومي!
منهنجي دل گلاب جي خوشبوء سان معطر آهي
ائين ٿو لڳي،
ڄڻ ڌرتي تازو مينهن وٺو آهي ۽
فطرت وڻن کي ڌوئي صاف ڪري ڇڏيو آهي
پري، گهڻو پري
مان هڪ رنگ محل ۾ رهان ٿي
پر مون کي پنهنجي سرزمين
پهاڙي پيچرن
خوفناڪ رستن جي سفر

جهنڊن
پنهنجي وطن جي پريشان ڇهري کي
ڦهڪندڙ ڇهري ۾ مٿائڻ جي ياد ستائي رهي آهي
مان پنهنجي گهر ۾ ساهه کڻڻ چاهيان ٿي
هڪ آزاد ۽ ڇوٽڪاري وارو ساهه
منهنجو روح هڪ هنڌ تي آهي
۽ منهنجو جسم ٻئي هنڌ تي
منهنجي دل ڇيهون، ڇيهون ٿي چڪي آهي
-

چونڊون هڪ ڪوڙو ۽ ڏوڪو هو
واعدن جو تماشو هو
مهم جوئي ۽ تي اربين روپيا خرچ ڪيا ويا
جنهن مان جمهوريت جي بهاني
آمريت ملي
هن ڪيڏ ڪي يورپين يونين ۽ گڏيل جماعتن جي جماعت
گند ڪچرو سڏيو
پيتيون ڪُوڙن ووٽن سان ڀريون ويون
بيلٽ پيپر، پرزا پرزا ڪيا ويا
عوام جي راهه تي
گيدي ڀهروپين وطن پرستي ۽ جي ويس ۾
ڪئنچي ڦيري چڙي
صدارتي محل گند جو ڍير بڻجي چڪو آهي
هڪ اُها جاهه جا
غربت جي گندي پاڻي ۽ سان گهيريل آهي
ايل ايف او مهاراجا ڪان ڪپڙا لهرائي ورتا آهن،
اهي ڪپڙا هاڻي پارليامينٽ کي پائڻ گهرجن
جنهن ۾ ملڪ جو آئين ۽
عوام جي راهه لپيٽيل آهن
ٻريل خاڪ مان
سيمرغ (Phoenix) پيدا ٿيندو
۽ ائين عوامي طاقت وري جنم وٺندي
مان غريبن جي ٻارن لاءِ سکيا جا مرڪز، تعمير ڪرائيندس
جن وسيلي پوڙهن ۽ نوجوان نسل کي
عظمت، اميد ۽ تحفظ ڏياريو ويندو

اسان ويران وسندين ۾
عمارتون جوڙائيندا سون
۽ ائين وطن عزيز جي مائرن ۽ پيئرن
جي اکين جا ڳوڙها خشڪ ڪندا سون
سنڌواسيو!
مُنهن مٿو نہ پٽيو
اسان جي تقدير اسان جي هٿن
اسان جي صدائن ۽ اسان جي عزم ۾ آهي
اسان غلط ڪم ڪي رد ۽ سٺن
ڪمن کي چاتيءَ سان لائي سگهون ٿا
اسان ڪوڙ کي رد ۽ سچ کي واپرائي سگهون ٿا
زندگيءَ جا ٻہ رستا آهن
اطاعت جو رستو
عزم استقلال جو رستو
ويسر جو رستو، مايوسيءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿو
ياداشتن وارو رستو عظمت ڏياري ٿو
ظلمت اڳيان، سچ، انصاف ۽ حقوق العباد جي مشعل
روشن ڪرڻ امر حقيقت آهي
اهو ياد ڪندي تہ:
ڪابہ شيءِ رهڻي ناهي
هر شيءِ اچڻي وڃڻي آهي
ظالم حڪمرانن جا هي ڏهاڙا
بہ ائين گذري ويندا جيئن
اڳين ظالمن جي پيرن جا نشان بہ گم ٿي چڪا آهن
عوام جي ذهنن تي قائدِ عوام نقش ٿيل آهي
حق سچ جي تلوار
جنهن پنهنجي زندگيءَ جي قرباني ڏني
هاڻي اسان
قانوني حقن ۽ معاشي تحفظ
معلومات جي سرمائي ۽ روزگار جي موقعن
حقي نمائندگي ۽ ڪاميابي
امن امان ۽ ترقيءَ جي شاهراهہ تي هلي سگهون ٿا
شهيد ڀٽي جو نالو آڀ ۾ ستارن وانگي چمڪندو رهندو
ڪير ڪير وساري سگهندو!
اهي تاريخي يادون

مون مارئيءَ کان
ماضيءَ جي صوفي بزرگن
۽ شاهه لطيف کان سکيو آهي تہ
نوجوان نسل جيڪو ڪنهن ٻئي جابر
سان وڙهيو آهي
اُهو امر آهي
اُها مان ئي آهيان، جا پنهنجن پکن ۽ پنهوارن کان
پري پويان پساهه پورا ڪندي

ڪونجون پنهنجن پهاڙن ڏانهن
اُڏامن ٿيون
۽ مون کي بہ ساڻن اڏامڻ جي آس ۽ اُڪير آهي
اُها اُڪير، جا هميشہ دل ۾ رهي ٿي
مان هتي پاڻ کي زنجير ۾ قيد ٿي سمجهان
وطن جي جدائيءَ ۾
ماضيءَ جا زخم
ناسور ٿي چڪا آهن
ڏکن، ڏاکڙن اندر ۾ واسو ڪيو آهي
مان ڏسان پئي تہ
منهنجن ديس واسين کان بنيادي حق
۽ اُڪتي وڏڻ جا وسيلا کسيا ويا آهن
نئون نسل ڪوڙن واعدن تي
اميد جي ڪنهن ڪرڻي ڏسڻ لاءِ انتظار ۾ آهي
جمهوريت کي معاشي نظام کان الڳ ڪيو ويو آهي
آمريت ظالمائي طريقي سان هڏا پڃي رهي آهي
معشيت کي تباهہ ڪيو ٿو وڃي
سماج کي مفلوج ڪيو ٿو وڃي
خودڪشيءَ جي سلسلي ۾ متعارف ڪرايو ٿو وڃي
غريبن لاءِ معاشي ۽ سياسي
خودڪشيءَ لاءِ جنگ جو ميدان
تيار ڪيو ويو آهي
خوشي تڏهن پر گهٽ ٿي آهي، جڏهن رڏلو ٿڏو ٿي چڪو آهي
خوشيون غائب آهن، جڏهن
ڪليسا ۽ اسپتال کي تباهہ ڪيو ويو آهي
ڪن سياست کي وِسارڻ

عوام کي سندن رحم ڪرم تي ڇڏڻ ۽
سڪون تلاش ڪرڻ جو پيغام موڪليو
هن حقيقت کي ڪم عقلي سمجهيو ويو
تہ زندان جي ديوارن جو عذاب
جيڪو پيارن کي ڏار ٿو ڪري
بيمار ماءُ ۽ ننڍڙن ٻارن سان جلاوطنيءَ جو درد
مڙس جو زندان ۾ هجڻ
برداشت ڪري سگهجي ٿو
هنن آزاديءَ
عوام، وطن، جدوجهد، خوابن جي ساٿيان
اصولن ۽ ضمير کي تياڳ ڪرڻ واري عمل کي
فياضي سمجهيو
جنهن کي مون فضول چاتو
مان رُڪ جيان مضبوط آهيان
جيتوڻيڪ سياسي قلعي ۾ قيد هئڻ ڪري،
مان جُهرندي ۽ جهڄندي بہ رهان ٿي
قريب النظر ماڻهو
سڀ ڪجهہ اڄ کي سمجهي
سياڻي کي بيڪار زندگي سڏي ٿو
سياڻي توڙي سياڻي جي مقصد
خوشحالي ۽ ترقيءَ کي پنهنجي جنم ڀوميءَ خاطر ڀُلي ويندو آهي
منهنجن ديس واسين ۾ منهنجو يقين مون کي مضبوط ۽ پُراعتماد
بڻائي ٿو
مان چاڻان ٿي تہ مان پنهنجي خوشبودار وطن
ڏانهن موٽي ويندس
جڏهن عوام جو سمنڊ اُٿلندو
هڪ بهادر سياسي جماعت
شهيدن جي جماعت
عمل ۽ جدوجهد واري جماعت
سيواگر جماعت
عوام جي جماعت

منهنجا دشمن چاهين ٿا
تہ مان چمائي نہ ها
چاڪاڻ تہ منهنجو جنم اهڙن ماڻهن لاءِ

نادار ۽ لاچار کي ياد ڪريو
مايوس ۽ پرامِيد کي ياد ڪيو
خدا جي مقدس اعتماد
۽ وطن جي ٻارڙن کي ياد ڪيو
پنهنجي ضمير کي طاقت جي نشي، رهڻ سهڻ ۽
سٺي دنيا جي تلاش ۾
مرڻ نه ڏيو
وطن جي خوشبو کي
ساموندي هوا اُڏائي وڃي ٿي
سندس توجهه جوڳا سڏ، پڙاڏا
ڪنڌن وسيلي
گونجندڙ آواز
باکن ۽ صبحن ۾ گم ٿي وڃن ٿا
مان پنهنجن پيارن کي چوان ٿي ته
نه اوهان رُئو ۽ نه گهبرايو، ڳوڙها به نه ڳاڙيو
افسوس جا هٿ نه هڻو
هي ڏينهن گذري ويندا
رات کانپوءِ ڏينهن ايندو آهي
ڏکن ڏولاون کانپوءِ خوشيون ايندڀون آهن
صحرا ڇاين کي خبر آهي ته
مقدر جون هٿڪڙيون
عوام جي خواب کي
قيدي نه ٿيون بڻائي سگهن
اُن زمين جو نسل
جتي عدل انصاف جي خوشبوءِ
هوائن ۾ سمايل ٿئي ٿي
جتي بيماريءَ جي تهخانن،
بي روزگاريءَ ۾
ظلم، برائي ۽ حقوق العباد ۽
معاشي حق غربت جي زبانن کي
پاش پاش ڪن ٿا
جيل اُنهن سان ڀريا وڃن ٿا
جيڪي آمرن کي ننديِن ٿا
جيڪي آزاديءَ لاءِ جنگ جوٽين ٿا
جيڪي نراس ٿيڻ کان انڪار ڪن ٿا

اهو ڇا ٿيندي ته
صحرا جون هوائون تبديليءَ جو پيغام آڻن ٿيون
اهو ڇا ٿيندي ته
لوهيون شيخون جيڪي اسان کي گروهن ۾
ورهائن ٿيون، سڄي رِجي، پالي ٿي ويندیون
اُهي زنجير، جيڪي آزادي ڇنن ٿا
ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندا
سزائن جي باهه ويچا وجهندڙ لوهي شيخن
کي پگهاري ڇڏيندي
صحرا واسي ڪربلا جي شجاعت
استحڪام، وفاداري ۽ اتحاد
تي لکڻ شروع ڪندا
۽ صحرا جي ڪنوار گهر واپس ورندي
هوا اُنهن آمرن جا پيغام کڻي ٿي
جن يزيد جو وجي پاسو ورتو هو،
جي هن وقت، وقت جي واريءَ جا ذرڙا لڳن ٿا
گهڻا فوجي آيا ۽ ويا
ڪيترن رت وهايو
ڪيترن سوڀ جا اعلان ڪيا
ڪيتريون بادشاهيون ۽ جابر حڪمران پيدا ٿيا ۽ ختم ٿيا
صحرا جي واري ڳالهائي ٿي
صحرا جون هوائون سرگوشي ڪن ٿيون
سچ ڪاميابي ماڻيندو
صحرا جي دوشيزا واپس ورندي
مسافر سفر ڪن ٿا
۽ محبوب سرزمين وڃان
سياسي واداري جون خبرون آڻين ٿا
مان اُنهن قبيلن جي بري حالت
ٻُڪن جي خوف جا قصا ڪهاڻيون
ٻڌان ٿي
مان پنهنجي ڏڪوئيندڙ اڪيلائپ جون خبرون به ٻڌان ٿي
ڏينهن ۽
زندگي گذرن ٿا
مون کي هٿ ڪڙيون پاتيون ويون آهن
مان جمهوريت جا خواب لهان ٿي

ملير ۽ مائي ڪلاچيءَ کان ڏور گھڻو ڏور
کھڙا نہ ناخوشگوار ڏينھن آھن!
منھنجا مارُو بہ ڏور آھن
منھنجا ديس واسي بہ ڏور آھن
ڪين ڪو بہ معيار نہ تو ڏئي
چاڪاڻ تہ اُھي پڪا پختا ٿيا بيٺا آھن
جيئن آڪٽوبر چونڊن مان ظاھر آھي
ھڪ ڏينھن مان ھي ڏھاڙا ياد ڪنديس
۽ ڏک، ڏولاوا وساري ڇڏينديس
جڏھن سياسي طوفان گھلندا
جڏھن ھوائون گجگوڙن جا دڙڪا، دھمان ڪٽي اينديون.
ھڪ ڏينھن مان ھي ڏھاڙا ياد ڪنديس
جڏھن مون کي پنھنجي ڌرتيءَ جي پوري ڄاڻ پوندي
بيشڪ تڪليفون ۽ عذاب
روح کي جرڪائن ٿا
مون کي پنھنجي زمين
لاس اينجلس، لنڊن ۽ دبئي
مان جلاوطن ڪيل ياد ٿا اچن
اُھي ڏينھن
جي ڪيترن پريشاني ۽
نااميديءَ ۾
تہ ڪيترن عزم ۽ استقلال ۾ گذاريا
موسمون بدلجن ٿيون
چھرا بہ رونقون بدلين ٿا
مون کي يقين آھي تہ
مقدر جي موسمن کي سجائيندي، منھنجا ساٿي ڳوٺاڻا
ھڪ چھرو ضرور سجائيندا
رات پر گھٽ ٿي آھي
دنيا ننڊون ڪري رھي آھي
ھوائن ۾ اوندھہ پري وئي آھي
مان پنھنجا ٻئي ھٿ اُپا ڪيان ٿي
۽ پنھنجي ٻارڙن کي چوان ٿي تہ
ھو بہ پنھنجا ننڍڙا ھٿ اُپا ڪن
مارُن ۽ ملير جائي مارئيءَ
وقت جي ڪوھيڙي ۾

پنهنجا هٿ مٿي ڪيا
جڏهن ته دنيا اگهور ننڊ ۾ هئي
هن جو خدا ۾ پورو پورو ڀروسو هو
جنهن ڪي
پنهنجي وطن ڏسڻ لاءِ پاڙائي رهي هئي
مارئي!
اسان پنهنجا هٿ مٿي ڪيون ٿا
جيئن تو خدا تعاليٰ ۾ ڀروسو رکي هٿ اُڀا ڪيا هئا
مان اُن جنم ڀومي ۾ ڄاوَس، وڏي ٿيس
جنهن ۾ منهنجو بابا دفنايو ويو
منهنجو ڀاءُ دفنايو ويو
منهنجي هٿ تي ميندي لڳائي وئي
مون کي اولاد پيدا ٿي
مون قوم جي خدمت ڪئي
بنا فون، بجلي، ڪمپيوٽر يا اي ميل
پوليو جي قطرن يا آيوڊين جي
مون عوام جي خدمت ڪئي
مان جيئن ئي جديد دؤر ۾ داخل ٿيان ٿي
ته گولين جي ڇڻڇڻ جو آواز اچي ٿو
ٻ وري به مان هڪ ڀاءُ کي دفنايان ٿي
منهنجي مڙس کي جيل اماڻيو ويو
ننڍڙن ٻارڙن کي
بيمار ناني ۽ سان جلاوطن ڪيو ويو
صحرا جي هوا پڪاري رهي آهي
مارئي پڪاري رهي آهي
هڪ بي وقتي پُڪار
پُڪار
جا صحرا جي هوا تي سوار آهي
ٻارڙن کي پورو يقين آهي ته
اسان حالتن تي غالب پونداسون.

◎◎◎

# جمهوريت جي باني
# شهيد ذوالفقار علي ڀٽي
# بابت تاجل بيوس جو ڪلام

(آواز: عابده پروين ۽ ٻيا)

(1)

تون تہ ملندو رهندين خوابن ۾
ڪو ڪيئن ٿو چوي، ڪو ڪيئن ٿو چوي
ڪڏهن ننڊ ۾، ڪڏهن اوجاڳن ۾
ڪو ڪيئن ٿو چوي، ڪو ڪيئن ٿو چوي.

تون تہ ورتو هئين وسڪارن ۾
چو نہ موتئين مينگهہ ملهارن ۾
اک ڦرندي رهي ڦولارن ۾
دل سڙندي رهي سيلابن ۾

ڏني ڪانگ نہ تپڪي تارين تي
ڪيا وارَ وِرهہ ويچارين تي
توکي ڏسبو رروز ديوارين تي
يا تہ پڙهبو ڪڏهن ڪتابن ۾

اڄ اکين وَسي سيلاب ڪيا
اڄ ڪٽڪن هِن لاب پيا
اڄ تائين نہ پُورا خواب ٿيا
ڪيسين رهندين يار! حجابن ۾

ڪڏهن بيوس تنهنجا زخم اُگهيا
ڪڏهن ڏرتيءَ تنهنجا پارَ پچيا
اڄ پتر بہ تنهنجا ڪين ٿيا
ڪڏهن ٽُرندو هئين تون گلابن ۾

(2)

دل ڪيئن دوست وساري
وچڙي ڪونج ولر کان
پئي تِي روز پڪاري

پايان پلوَ نہ پرچي
ڪنهن سان ڪين ٿي سرچي
ويني راڄ روئاري

ڪاتيون، تيل گهري ٿي

چڻ ڪا باهه ٻري ٿي
پاهڻ پئي ٿي پگهاري

بيوس ڳالهه ڳري آ
دل ڪئي چاهه چري آ
مارِي نينهن نظاري

(3)
منهنجون تنهنجي اڳيان مجبور اکيون
توڙي توکي ناهن منظور اکيون

تنهنجي اکين اڃي آگاهه ڪيو
مون کي عشق جو شاهنشاهه ڪيو
جن صدقي ساهه پساهه ڪيو
تيون مُلڪن ۾ مشهور اکيون

توکي ڪُهڻ مِنو، مون کي ڪُسڻ منو
مون کي پرچڻ، توکي رُسڻ منو
توکي لِڪڻ منو، مون کي ڏِسڻ منو
ڏسِ ڪنهن جون آهن مغرور اکيون؟

ڇني ڇورِي ڪري، ڏِسي هڪڙي ڇٽي
وڃي ويٺين جتي هيڏي هام هٽي
اُتي پهتيون تنهنجا پير ڪٽي
منهنجون بيوس ۽ بي نور اکيون

(4)
لاش ڪانڌي ويا لَڏي، هاڻي روئڻ بيڪار آ
هٿ ڪٽي هڻ هڻ ڪرڻ، جهوريءَ جهنجڻ بيڪار آ

اڄ پکيءَ پڃرو پڃي پرديس جي تياري ڪئي
زندگي گذري وئي، پر ڪنهن نہ پوئواري ڪئي
موت ڪانپوءِ مُنهن ڏسڻ، موٽي ملڻ بيڪار آ

گذ عمر جن ساڻ گذري، تن ڏنا ڏُمدما سڏي
سور سختين ۾ ڏسي پنهنجا پراوا ويا ڇڏي
ڪين جن پنهنجو ڪيو، تن لئہ جيئڻ بيڪار آ

جن ڏريا الزام جيئري، تن سڏيو سڏڪا ڀري
ڪن چيو ڏاڍو ڇڱو هو، ڪي رُنا رينهون ڪري
قبر بيوس جي ڏسي، روئي پوڻ بيڪار آ

(5)
سنڌڙي منهنجي سائڻ! توسان ناتو شال نڀايان
ناتو شال نڀايان، الا، جهوليءَ چنڊ جهلايان

ساهُ بہ تو ۾، شاهُ بہ تو ۾، تو ۾ سڀ ڪجهہ پايان
تنهنجي مٽيءَ منجهہ ملان جي، ڀاڳ ڀليرا ڀايان

ڪينجهر ۽ ڪارونجهر جا، سنتوءَ ڪي سُور سٺايان
منٺڙي تنهنجو ڪير پياريل، مُرڪي شال ملهايان

اندَ نگرَ ۾ آهُون پريان، ترُ برُ باهہ لڳايان
واين جا ورلاپ اُتاري، ڏاڍن کي ڏهڪايان

دارَ ڏسان ديوانو بڻجان، ”اناالحق“ الايان
مون ۾ تون موجود ازل کان، بيوس ڪيئن سڏايان

(6)
سنڌ منهنجي امان! سونهن تنهنجيءَ مٿان

ڇا لکي ڇا لکان، ڇا لکي ڇا لکان
هڪ قلم هڪڙو مان، ڪيئن پورو پوان
سنڌ منهنجي امان! سونهن تنهنجيءَ مٿان

تنهنجي ماٿهن ڪي سيني ۾ سانديو وتان
تنهنجي لاٽين، لوَنِ ڪي بہ چندن چوان
شال تنهنجي ئي ڪُک مان پيو هر، هر ڇمان
ڪير تنهنجو پيان، ويڙ تنهنجو وٺان

هِن ڪنڌيءَ تي ڪُڏيو جو ابهم پار آ
ڪنهن تہ جيجل جو جاني، اکين تار آ
هي جو پالڪ سپاٽي جو معمار آ
اُن جي پوليءَ ۽ لوليءَ تان صدقي وڃان

هوءَ جا بيوس بکن تي مڙهي منڊ ٿي
اڄ بہ جوٽي اسر جو، اٽي جنڊ ٿي
جا گرم ڪير ۾ پئي گڏي ڪنڊ ٿي
اُن سهاڳڻ کي مان ڪيئن نہ سجدو ڪيان

(7)
اُٿو سنڌوءَ جا وارث سنڌوءَ کي بچايو
پيڙيءَ جو پريل پُور پئي پار پڇايو

ڪٽڪن جا چٽيل ڪيت پريل ڪير ڪٽورا
گج، لويون، لنگيون لاڙ جون، هالن جا هندورا
اجرڪ ۽ چُنيون، ڪيس، ڪٿا ڪين ڪسايو

هيءَ قوم ڪلهاڪون نہ ڍهي ٿي، نہ نهي ٿي
هاڻي بہ پئي سنڌ جي تاريخ چوي ٿي:
دودي جي ڪڌهن پڳ نہ چنيسر کي ٻڌايو

جنهن صبح جو پيوس نه ڪڏهن سج لٿو آ
جنهن ماءُ مُنيءَ زخم جهليا، ظلم سَٺو آ
اُن ماءُ جو ماڪيءَ ڪان مٺو ڪير ملهايو

(8)

هن شهر جي ڪنهن کي دانهن ڏجي
هي شهر نه آ دل وارن جو
ٿا دل جي عيوض درد ملن
ڪو ويچ نه آ وَيچارن جو

جيئن ڪاڪ پري، ڪهرام مچن
تيئن آديسي احرام ٻَڌن
شل دام چني بيدام ٿين
ٿيو نينهن نسنگ جن يارن جو

هِت وڪ وڪ تي ٿا ونگ پون
جيئن ڏينهن تپي تيئن ڏنگ لڳن
شل زنجيرن کي زنگ لڳن
ڪو داد ٿئي دل وارن جو

هني پنهنجو سچو سنسار نه آ
انڪارَ سوين، اقرار نه آ
ڪو ڪنهن جو ڏکن ۾ يار نه آ
بي ڏوهن، بيوس پارن جو

جي مست و مست مدام ٿيا
سي قرب اندر قتلام ٿيا
ڪي بيوس ڪي بدنام ٿيا
ڪن ويس ڏکيو وڻجارن جو

◎◎◎

# ٽِرنگا جهنڊا
# پيا ٿا ڦڙڪن

تنهنجي لاءِ سالڪ! هر سنڌڻ روئي ٿِي
پنهنجو مُنهن پٽي رت جي، ڳوڙهن سان ڌوئي ٿِي
مائرون، پينرُون مڙئي، بي جان آهن
سڪر، ساڌ ٻيلو ٻه ويران آهن
پوڏيسر، پرچوندي ۽ ماتم ٿئي ٿو
ننگرپارڪر جو، ٻالڪ ٻِي روئي ٿو
چار ئي پهر ماتم، آهي چوڪندي ۾
ماٿهو هڪ نه ڏسجي ٿو، سبزي منڊي ۾
ڳڙهي ۾ ٽِرنگا، جهنڊا پيا ٿا ڦڙڪن
گيريو "ڪين" ۾ آهي، سيوهڻ جي سُڏڪن
ويا رت سان پرجي قلمدان آهن
ميهڙ، مياڻي، مڪلي ٻه سنسان آهن
تنهنجي غم ۾ بيوس، آهي اوڙو پاڙو
رَني ڪوٽ ۾ آ رُڳو روڄ راڙو.

# شہید ذوالفقار علی بھٹے

# کی بیٹی کو خراج

تاریخ کا ہر ایک ورق کیسے دکھاؤں
ساغر میں سمندر کو بھلا کیسے چھپاؤں
آئینہ گروں کو میں سناتا یہ کہانی
پتھر کی زبانی کبھی تیروں کی زبانی
جب بیتے دنوں میں یہی انساں تھا حیواں
دھرتی پہ اُتر آیا خدا صورتِ انساں

تھی کرب و بلا دشت میں ہریالی کہاں تھی
مسند کوئی آمر سے یہاں خالی کہاں تھی
سندرتا کے جذبوں پہ کہیں بجلی گری تھی
اور منکی، میانی کی زمیں کانپ اٹھی تھی
جس وقت ادیبوں کے قلم توڑے گئے تھے
فنکار کی عظمت کے بھرم توڑے گئے تھے
ہونٹوں پہ لیئے زہر صلیبوں کے پمبر
آمر کی ثنا کرتے تھے فریاد کی بلے پر
انسان تھا بکھرا ہوا رائی کے برابر
یہ دیس بلاول کا تھا لہو کا مقدر
فرعون کے شداد کے ہٹلر کے وارث
جمہور کے دشمن تھے اور آمر کے یہ وارث
آمر نے مرے شہر کو محصور کیا تھا
آنکھوں کو خود اپنی ہی تو بے نور کیا تھا
جس سمت نظر اُٹھی خموشی کی فضا تھی
کب اپنے مکاں میں مکینوں کی صدا تھی
دستک سی پڑی گھر میں کوئی آیا مسیحا
مشعل سی گھنی شب میں اُٹھا لایا مسیحا
اے کاش کہ بیٹھے کسی مسند پہ نہ آمر
ایوانوں میں آئے کوئی چور نہ تاجر
تڑپے نہ مرے دیس میں پیاسا کوئی پنچھی
آمر کے چمن میں کوئی مہکے نہ کلی بھی

جب تھل پہ کبھی جا کے برستی ہیں گھٹائیں
صحرا بھی پہن لیتا ہے پھر سبز قبائیں
چوراہوں پہ پرچم بھی تھے آنچل کے اڑائے
جمہور کی بیٹی نے نئے گیت یوں گائے
جمہور کے ساگر میں سے لہریں جو اُٹھی تھیں
وہ برق کی مانند کناروں پہ کھڑی تھیں
طوفان کی یورش ہے کہ برسی ہیں گھٹائیں
اے کاش کہ ڈوبیں نہ کبھی اپنی اَمائیں
پھر آج صدا دیتی ہے مشرق کی یہ بیٹی
تاریخ بنا دیتی ہے مشرق کی یہ بیٹی
منزل کے لئے چلنا بھی اک عزم سفر ہے
ہر رخت سفر اپنا سرِ راہ گذر ہے
بنتا ہے اسی طرح سے حوا کا مقدر
سچائی کی جونِ آرک بھی ہے ایک پیمبر
جمہور سے پھیلی ہے مہک اوجِ فلک تک
جاتی ہے زمینوں کی دھمک اوجِ فلک تک
تخلیق یہاں آج گلابوں کی ہوئی ہے
تکمیل مرے دیس کے خوابوں کی ہوئی ہے
ان نرگسی آنکھوں کو جو کھلتے ہوئے دیکھا
لگتا ہے کہ کرنوں کو اُترتے ہوئے دیکھا
نکلا ہے اندھیروں سے کہیں ڈوبتا سورج
اس بار یوں دیکھی گئی انسان کی سج دھج

اس حسن کی خوشبو سے معطر ہو جو سینہ
تصویر ہو آنکھوں میں محبت کا مدینہ
دھرتی کی زمیں پر جو یہ مہندی سی اُگی ہے
جمہور کی دلہن کی طرح مہک رہی ہے
کانٹے بھی ہوئے پھول یہاں فن کے سہارے
چمکے ہیں کئی چاند بھی سورج بھی ستارے
چھیڑا ہے سحر نے وہی پھر سازِ حُسینی
گونجی ہے فضاؤں میں وہ آوازِ حُسینی
جمہور کی دولت ہے یہ مریم کی ہے ممتا
یہ عجز بھی نصرت بھی ہے اور یہ ہے اَمرتا
نکلے ہیں کئی بار بھی شکرے بھی یہاں سے
اٹھے ہیں بہت جابر و ظالم بھی جہاں سے
اب گیت کسی کے نہ مٹائے گا کوئی شخص
جذبات پہ آرے نہ چلائے گا کوئی شخص
آتے تھے کئی جام، مسولینی، فرانکو
جمہور کا سیلاب بہا لے گیا جن کو
اک وقت تھا جب عدل بھی مصلوب ہوا تھا
جمہور بھی آمر سے منسوب ہوا تھا
تھے نام پہ مذہب کے یہاں لوٹ مچاتے
انسان کو انسان سے شب و روز لڑاتے
بس ایک دھماکے سے وہ مسمار ہوئے تھے
ہٹلر کے جو وارث تھے وہ یوں خوار ہوئے تھے

افراد کے سیلاب میں بہتے ہوئے دیکھا
ظالم کو پریشان ہی رہتے ہوتے دیکھا
دہرانا پڑا تھا یہ سفر کرب و بلا کا
جمہور کو حق مل گیا پھر اپنی وفا کا
سب یاد ہیں ہم کو ابھی مظلوم وہ چہرے
جو تیغ ستم کھا گئے معصوم وہ چہرے
منزل کے تمنائی ہوئے ختم سفر میں
بیٹے تیرے کچھ قید ہوئے اپنے ہی گھر میں
رحمت کی شہیدوں پہ برستی ہیں گھٹائیں
اور قبر پہ آمر کی ہیں بہت جبر کی فضائیں
جب دختر مشرق ہوئی مسند پہ نمودار
پھر سر پہ لٹکنے لگی آمر کے بھی تلوار
جمہوری سفر اس نے کیا کانٹوں پہ چل کر
مسند پہ نمودار ہوئی پھولوں پہ چل کر
پیدا کیا مٹی نے کئی راہبروں کو
جاں باز شہیدوں کو کئی ہم سفروں کو
اس قوم کے گلشن کی نگہبان بنی ہے
جمہور کی عظمت کی یہ پہچان بنی ہے
اس دیس کو یہ صورت نروان ملی ہے
مشکل سے یہ عظمت کی نگہبان ملی ہے
پہنائے کسی کو نہ کوئی طوق غلامی
دھرتی پہ نہ آئے کسی آمر کا پیامی

جمہور کی آواز کو سنتے ہو بھائی!
سرگرم پہ نئے ساز کو سنتے ہو بھائی!
فردا کی یہ آواز جو آتی ہے عدم سے
نکلی ہے صدا یہ بھی مرے نوکِ قلم سے
جمہور پہ ایمان ہی مسلک ہے ہمارا
پیوست ہے ابد تک یہی جمہور کا نعرہ